SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1978
# SINDH ORDINANCE NO. XVII OF 1978
# سنڌ شهري غير منقول جائداد (ترميم) حڪم نامه 1978
# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title, Extent and Commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X ۾ دفعه A_7 جو واڌارو.

Insertion of section 7_A in West Pakistan Act X of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريہ 1978
# SINDH ORDINANCE NO. XVII OF 1978
# سنڌ شهري غير منقولہ جائداد (ترميم) حڪم نامہ 1978
# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[14 ڊسمبر 1978]

سنڌ شهري غير منقولہ جائداد ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم آڻڻ جو ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اها تقاضا آهي تہ سنڌ شهري غير منقولہ جائداد ٽيڪس ايڪٽ، 1958 کي هيٺين نموني بدلايو وڃي.

هاڻي ان ڪري 15 جولائي 1977 واري اعلان، جنهن کي قانون [لاڳو رهڻ ۾ تسلسل] واري حڪم مجريہ سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي پوئواري ڪندي، سنڌ جو گورنر هن آرڊيننس کي جوڙي ۽ لاڳو ڪري ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, Extent and Commencement

1. (1) هن حڪم نامي کي سنڌ شهري غير منقولہ جائداد (ترميم) حڪم نامہ 1978 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X ۾ دفعہ 7_A جو واڌارو.
Insertion of section 7_A in West Pakistan Act X of 1958

2. "7_A جيڪڏهن هن ايڪٽ جي مضمون ۾ تناظر جي خلاف نہ آهي تہ پوءِ ملڪيتن جي ملهہ ڪٿڻ واريون لسٽون، صنعتي ملڪيتن کانسواءِ جيڪي 30 جون 1978 تائين جڙيل هيون، اهي انهيءَ تاريخ کان لاڳو رهنديون ۽ انهن جي بنياد تي ٽيڪس مڙهيو ويندو، تان جو هن ايڪٽ جي دفعہ 7 مطابق نئون لسٽون جوڙيون وڃن يا 31 ڊسمبر 1997 تائين هلايون وڃن، ٻنهي تاريخن مان جيڪا بہ اڳي هجي.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**